# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1974
# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1974
## اولهه پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو(سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
## THE WEST PAKISTAN ANIMALS SLAUGHTER CONTROL (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974
## فهرست(CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1963 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ III جي دفعه 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance III of 1963

3. 1963 جي اولهه پاڪستان ايڪٽ III ۾ دفعه A_8 جي شموليت

Insertion of section 8_A in West Pakistan Act III of 1963

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1974
# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1974
# اولهہ پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974
# THE WEST PAKISTAN ANIMALS SLAUGHTER CONTROL (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1974

[12 فيبروري 1974]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو ايڪٽ، 1963 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو ايڪٽ، 1963 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن ۾ هنگامي قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي عبوري آئين جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1. (1) هن آرڊيننس کي اولهہ پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1974 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

commencement

2. سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ اولهہ پاڪستان جانورن جي ڪوس تي ضابطو ايڪٽ، 1963 ۾ (جنهن کي هن کانپوءِ بہ جاڻايو ايڪٽ سڏيو ويندو) ان جي دفعہ 2 ۾، شق (k) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

1963 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ III جي دفعہ 2 جي ترميم

Amendment of Section 2 of West Pakistan Ordinance III of 1963

“(k) ”ڪارائتو جانور“ مطلب:

(i)ڪو جانور جيڪو عمر ۾ هڪ سال کان گهٽ هجي؛

(ii)هڪ رڍ يا ٻڪري جنهن جي عمر هڪ سال کان وڏيڪ پر چار سالن کان وڏيڪ نہ هجي، جيڪا ڍڪي هجي يا ڦر ڏيڻ جي مقصد لاءِ موزون هجي؛

(iii)هڪ مادي جانور سواءِ رڍ يا ٻڪري جي، جنهن جي عمر هڪ سال کان وڏيڪ پر ٽن سالن کان وڏيڪ نہ هجي؛

(iv)مادي جانور جيڪا رڍ يا ٻڪري کانسواءِ هجي، جيڪا ڍڪي هجي يا کير سان هجي يا ٻچا ڏيڻ جي لائق هجي؛

(v)هڪ مادي جانور، سواءِ رڍا يا ٻڪري جي، جنهن جي عمر ٽن سالن کان وڏيڪ هجي پر ڏهہ سالن کان وڏيڪ نہ هجي، جيڪا ڍڪي ٿيڻ جي مقصد لاءِ موزون هجي.

پر ان ۾ شامل نہ هوندو ڪو اهڙو جانور جيڪو ڏٻرو آهي، زخمي آهي، بيمار آهي يا ڪو ان جو ٻيو سبب آهي، ۽ ان لاءِ لکت ۾ وٽرنري آفيسر يا اينيمل هسبنڊري ڊپارٽمينٽ جي گزيٽيڊ آفيسر سرٽيفڪيٽ ڏنو آهي تہ اهو زنده رهڻ جهڙو ناهي يا هن ايڪٽ جي مطابق ڪارائتو نہ آهي؛“.

3.جاڻايل ايڪٽ ۾، دفعہ 8 کانپوءِ هيٺين دفعہ 8_A شامل ڪئي ويندي:

1963 جي اولهہ پاڪستان ايڪٽ III ۾ دفعہ 8_A جي

“8_A. (1) هن ايڪٽ تحت ڏوهہ ازالي لائق هوندو.

| | |
|---|---|
| (ڏوهہ جو ازالو ڪرڻ بدران) ماجسٽريٽ آف فرسٽ ڪلاس کان گهٽ ڪا بہ عدالت هن ايڪٽ يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن تحت ڪنهن ڏوهہ تي ٻڌڻي نہ ڪري سگهندي.". | شموليت Insertion of section 8_A in West Pakistan Act III of 1963 |
| **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | |